SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1974

اولهه پاڪستان جي تاريخي ماڳن ۽ مقبرن جو سيس فنڊ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974

SINDH ACT NO.III OF 1974

THE WEST PAKISTAN HISTORICAL MOSQUES AND SHRINES FUND CESS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان (Short title)
2. 1960 جي ويسٽ پاڪستان آرڊيننس V جي دفعه 3 جي ترميم (Amendment of section 3 of West Pakistan Ordinance V of 1960)
3. 1973 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي تنسيخ (Repeal of Sindh Ordinance XVI of 1973)

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1974
اولهه پاڪستان جي تاريخي ماڳن ۽ مقبرن جو سيس فنڊ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974

SINDH ACT NO.III OF 1974
THE WEST PAKISTAN HISTORICAL MOSQUES AND SHRINES FUND CESS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1974

[21 مارچ 1974]

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان اولهه پاڪستان جي تاريخي ماڳن ۽ مقبرن جي فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي ته جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

مختصر عنوان (Short title)

هن ايڪٽ جي توسط سان اولهه اپڪستان جي تاريخي ماڳن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس آرڊيننس، 1958 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي، ته جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي.

1960 جي ويسٽ پاڪستان آرڊيننس V جي دفعه 3 جي ترميم (Amendment of section 3 of West Pakistan Ordinance V of 1960)

هن کي هن ريت بدلايو پيو وڃي.

1. هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان جي تاريخي ماڳن ۽ مقبرن جو فنڊ سيس ايڪٽ چيو ويندو.
2. مغربي پاڪستان جي تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جي سيس فنڊ آرڊيننس 1960 کي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ان جي دفعه (3) جي ذيلي دفعه (4) ۾ لفظ ”12“ کي لفظ ”15“ ۾ بدلايو ويندو ۽ اهو ڄاتو ويندو ته اهڙي تبديلي پهرين آڪٽوبر 1971 کان آندي وئي آهي.

1973 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي تنسيخ (Repeal of Sindh Ordinance XVI of 1973)

3. هن سان گڏ مغربي پاڪستان تاريخي مسجدن ۽ مقبرن جو سيس فنڊ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973 ختم ٿي ويو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.